**ڊاڪٽر نواب ڪاڪا**
سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

# سراج الحق ميمڻ (24 آڪٽوبر 1933ع - 2013ع) جي افسانن جي ڪردارن جو اڀياس

# AN ANALYTICAL STUDY OF CHARACTERS OF SHORT STORIES OF SIRAJUL HAQ MEMON

**Abstract**

In Sindhi literature, a large number of young writers come under the passion for national & social change. Sirajul ul Haq is a major writer among them. He wrote novels, short stories & dramas. His novels are reflection of past & present of Sindh. Stories are written in background of social conditions of Sindh. He highlights many serious social issues. He motivates inspirations & encouragements. He criticizes the social ills in society & demands a change through his a number of different characters.

History has remained a favorite subject for Sirajul ul Haq and he gives it importance in fiction. Political & economic conditions of Sindh effected youth a lot, Sirajul ul Haq in turn wrote with full interest on such conditions to awaken the social consciousness. He performed his role through his writings.

In this paper, characters of short stories are analyzed & studied, so that readers may be aware of his style & thought and that how the Siraj keeps a unique position in short Sindhi stories. Also, newly readers may be provided the guidance with the help of the features of characteristic about his works, presented in this paper.

سراج ميمڻ جو شمار سنڌي ٻوليءَ جي نامور ليکڪن ۾ ٿئي ٿو. پنهنجي علمي، فڪري ، سياسي ،سماجي ۽ ادبي ڪم سبب سنڌي ادب ۽ سماج جي مثالي شخصيت آهي. ضرورت آهي تہ ان جي افسانن ۾ پيش ڪيل ڪردارن جو اڀياس ڪجي تہ جيئن نئين ٽهيءَ (لکندڙن توڙي پڙهندڙن) تائين سندس اهميت ۽ عظمت ظاهر ٿئي. سندس تحريرون هڪ تاريخي رڪارڊ آهن. ڏسڻو اهو آهي تہ هڪڙي ذهين ۽ عالمي فڪري تحريڪن، ادب ۽ تاريخ ۽ پنهنجي سماج جو مختلف رخن

ڪان گهرو مشاهدو ۽ مطالعو رکندڙهڪ ذميوار ليکڪ سماج جي ڪھڙن مسئلن، ڪردارن ۽ قدرن کي پنھنجي ڪهاڻين ۾ پيش ڪيو آهي.

ورهاڱي بعد سنڌ جي نوجوانن ٻولي ۽ ادب جي خالي ٿيل جاءِ ۽ نقصان کي پورو ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي، آزاديءَ بعد سنڌ ۾ جن نون مسئلن مشڪلاتن منهن ڪيو انهن جي ڪري جتي مايوسي ۽ محروميءَ جو احساس پيدا ٿيڻ لڳو اتي نوجوانن ۾ جوش جذبو ۽ حالتن سان ٽڪراءَ وارو جذبو به اڀريو اهڙن نوجوانن مان سنڌي ٻوليءَ جو نرالو محقق، لسانيات جو ماهر، ڊرامہ نگار، ناول نگار، ڪهاڻيڪار ۽ مترجم سراج الحق به هڪ هو. ٻولي، ادب، سنڌ جي تاريخ ۽ سماج سان چاهہ رکندڙشخصيت آهي. جذبات جو هڪ سمنڊ ليکڪ جي پنھنجي اندر ۾ ڇوليون هڻندو نظر اچي ٿو جيڪو پڙهندڙ کي به جذباتي بڻايو ڇڏي. ٻي حد ذهين سي ايس پي آفيسر رهيو، سندس تخليقي ۽ تحقيقي خدمتون ادب ۾ ڪلاسڪ جو درجو رکن ٿيون. سراج محنت، محبت ۽ سچ جي علامت آهي.سندس علمي ادبي پورهيي جو وچور هن طرح آهي: ”ذڪڻ مان ٿو سج اڀري“ (1953ع ،ترجموڪرشنچندر جو ناول) سنڌ جي اقتصادي تاريخ (ايس.پي ڇبلاڻيءَ جي ڪتاب جو ترجمو) ”چوندآمريڪي افسانا“(ترجمو) ”اي درد هلي آ“ (ڪهاڻيون1962ع) ”سنڌي ٻولي“ (تحقيق) ”پڙاڏو سو ئي سڏ“ (ناول1970ع) ”اتون ماٺهو“(ڪهاڻيون1985ع) ”مرڻ مونسين آ“ (ناول1988ع) ”پياسي ڌرتي رمندا بادل“ (ناول ترياجي،منهنجي دنيا هيڪل ورياڪل، تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول،منهنجي دنيا مرگهہ ترشنا) انهن کان علاوه هلال پاڪستان اخبار ۾ لکيل ايڊيٽوريل ”رتيءَ جي رهاڻ“ ”سياسي منظرنامو“ ڪالم ۽ مضمون جا ڪتاب شامل آهن.سندس ڪتابن جا نوان ڇاپا اچي چڪا آهن . سندس ناولن جي ترياجي پياسي ڌرتي رمندا بادل ۽ ٻن ناولن پڙاڏو سوئي سڏ ۽ مرڻ مونسين آ هڪ جلد ۾ روشني پبليڪيشن طرفان شايع ٿي چڪا آهن. ڪهاڻين جا ٻئي مجموعا هڪ ئي مجموعي ”درد ڪهاڻيون“ جي نالي سان 2014ع ۾ شايع ٿيو آهي. سراج ٻوليءَ جوماهر آهي، لفظن ذخيرو هٽڻ سان گڏ انهن جو ماهرانہ استعمال ۽ ڏانءُ هن وٽ آهي.لفظ لفظ ۾ جذبو ۽ احساس آهي.جمال ابڙو سندس همعصر رهيو آهي لکي ٿو:

> ”سندس قلم ۾ قرب آهي، مشورو آهي ۽ انتباهہ، سندس اُتاهہ قرب اٿل ڪائي مصلحتن جا ٻنا اورانگهي لوڪ لڄا لاهي، پاڻ ٻوهي ڏيئي سچ ڪٽا پلئہ پائي سئن پيو ڏئي، اها سئن جا تاريخ جي هر دؤر ۾، هر سورهيہ وَرَ وَرَ ڪري ورجائي آهي.“ *(ابڙو83)* (1)

سراج هڪ روشن خيال، ترقي پسند ليکڪ هيو، جنهن جديد کان قديم ادب ۽ تاريخ جو گهرو اڀياس ڪيو هو، سرمائيداري ۽ جاگيرداري نظام ۾ پيڙجندڙ انسان، ڏهندڙ ۽ ٿهندڙ نون سماجي قدرن کي هو ٻي ٻاڪي سان بيان ڪري ٿو.

سندس قلم ۾ موضوع جا پيرَ سنڌ ڌرتيءَ ۾ کتل آهن، هو حقيقتن جي تهہ تائين وڃي پنهنجي فڪر کي چٽو ڪري پيش ڪري ٿو. پنهنجي همعصرن ۾ پنهنجو نالو ۽ انفراديت پيدا ڪئي، بحيثيت افسانا نگار هن افساني جي ٽيڪنڪ ۽ فن کي نظر ۾ رکندي زندگيءَ جي حقيقتن کي اثرانگيزي سان پيش ڪيو آهي. ڊاڪٽر غفور ميمڻ سندس ڪهاڻين جو تجزيو ڪندي لکي ٿو

> ” سراج جي ڪهاڻين ۾ جديد دور جي ڪهاڻين جي عالگير سوچ جو احساس سمايل آهي، جنهن ۾ اهڙي معاشري جي شديد خواهش آهي، جنهن ۾ استحصال نہ هجي، نا انصافي نہ هجي،ضمير ۽ ذهن جي آزادي هجي .“ (2)

هتي سندس افسانن جي ڇنهين مجموعن ذريعي سندس ڪردارن ۽ ڪهاڻين جو اڀياس ڏجي ٿو.

سندس افسانن جو پهريون مجموعو ”اي در هلي آ ءُ“ 1962ع ۾ عظيم پبليڪيشن حيدرآباد طرفان شايع ٿيو، هن مجموعي ۾ سندس ڪل ڏهہ افسانا آهن هيٺ انهن افسانن جي موضوع ڪرادرن جو اڀياس پيش ڪجي ٿو.

> ”هن مجموعي جا پيش لفظ جڳ مشهور شاعر شيخ اياز لکيا آهن، اياز ۽ سراج همعصر ۽ هڪ ٻئي جا ويجها ساٿي ۽ همفڪر بہ رهيا آهن، اياز سراج جي ڪهاڻين ۽ ڪردارن جي حوالي سان لکي ٿو“ هن جا ڪردار فقط انسان ناهن، پر ادبي ڪردار بہ آهن، هن جي نگارش۾ نہ فقط زندگيءَ جي معاشرتي ۽ نفسياتي پهلوءَ جي هم آهنگي آهي، پر ان کي هن جي فن هڪ مخصوص رنگ روپ ڏنو آهي، جو هن جي تخليق جي انفراديت جو ثبوت ڏئي ٿو.“ (3)

مجموعي ۾ گذارش جي نالي سان سراج جديد دؤر ۾ دنيا ۾ افساني جي ترقي ۽ ٻولين ۾ افساني جي عالمگير اهميت تي روشني وڌي آهي، هن مجموعي جو پهريون افسانو ڪتاب جي نالي وار افسانو ” اي درد هلي آ ءُ“ آهي. ڪهاڻيءَ جو موضوع مرد ۽ عورت جي برابري، سماج ۾ عورت سان ٿيندڙ اڻ برابري وارو سلوڪ آهي، شمي ۽ شفيق ڪهاڻيءَ جا بہ اهڙا روشن خيال ۽ ترقي پسند فڪر جا حامي ڪردار آهن، جيڪي اهڙي سماجي فرق ۾يقين نٿا رکن. هو مذهب ۾ اسلام ۾ بہ چئن شادين واري ڳالهہ کي انسان جي شروعاتي وحشت واري طبعيت جو سبب سمجهن ٿا، پاڻ اهڙي برابري ۽ محبت واري زندگيءَ جا عملي ڪردار آهن. شفيق باوجود اهو ڄاڻڻ جي تہ شميءَ جي ماضيءَ ۾ تنوير سان محبت رهي هئي، ڪيس بي انتها پيار ڏئي اهو ثبوت ڏئي ٿو تہ عورت کي بہ جذبن جي اظهار جي آزادي آهي، ڪيس بہ محبت جو حق آهي، ڪهاڻي ترقي پسند ۽ روشن خيال ڪردارن جي فڪر کي ظاهر ڪري ٿي.

### ديوتا ۽ انسان:

هن ڪهاڻيءَ ۾ سراج هڪ سيلانيءَ جي ڪردار ذريعي قديم ڏند ڪٿا ۾ انسانن ۽ ديوتائن جي فرق ۽ ديوتائن جو انسانن کي مختلف طبقن ۾ ورهائي مٿن طرح طرح جا ظلم ڪرڻ ۽ کين غلام بڻائي رکڻ واري فڪر کي ظاهر ڪيو آهي، سراج هن ڪهاڻيءَ ذريعي تاريخ جي ٻيهر دهرائجڻ جي پڻ ڳالهه ڪئي آهي، ديوتائن ۽ سندس رکوالن جي سڄي زندگي، طاقت ۽ جياپي جو دارو مدار هيٺين پورهيت طبقي تي آهي. جڏهن انهن ديوتائن جي خلاف بغاوت ڪئي ته سندن محلن ۾ ڏار پياءِ اهي تٽي پيا، ديوتا ختم ٿي ويا، پورهيتن ۽ هيٺين طبقي وارن کي آزادي ملي، ڪهاڻيءَ ۾ سراج پنهنجي دؤر ۾ پڻ عقيدي جي ويساهه ۾ ديوتائن جي روپ ۾ موجوده دؤر جي انسانن جي ظلم کي پيش ڪيو ويو آهي. پر پاڻ وري به پر اميد آهي، لکي ٿو:

> ”تاريخ ضرور پنهنجو پاڻ دهرائيندي، نئون انسان ضرور اٿندو.... ضرور اٿندو..!“ *(سراج 39/ 1962ع)* (4)

### چنڊ گرهڻ:

هن ڪهاڻيءَ جو موضوع عورت جي شاديءَ ۾ ساٿس ٿيندڙ نا انصافي آهي، جنو جنهن شادي لاءِ حسين خواب ڏٺا هئا، شادي شده سرتين کان ٻڌا هئا، وڻندڙ احساس ۽ اهو ٻڌو به هو ۽ محسوس به ڪيو هو ته واقعي شادي کان سواءِ عورت جي زندگي چنڊ گرهڻ مثل آهي، چنڊ هوندي اونداهي آهي، جنوءَ جي شادي ٿي پر ڏهن سالن جي ٻارڙي سان جيڪو سڄي رات صبح تائين سندس پرسان ستو پيو هو، سندس احساس ۽ جذبا وکري ويا، ماءُ ۽ سماج لاءِ ڏڪار جا جذبا جاڳي پيا، ڏينهن جي چڪن چڻ سندس سڄي جسم کي سڃائي ڇڏيو هو. سراج سماج جي ڪُڌي رسم ۾ عورت جي پوڙهنا ۽ پيڙا کي بهترين انداز ۾ پيش ڪيو آهي.

### ٻُهٽي:

ٻُهٽي سراج جي مشهور ڪهاڻي آهي، سنڌي ڪهاڻي جي تاريخ ۾ سراج جي حوالي سان بهترين ڪهاڻي مڃي ويئي آهي، موهن ڪلپنا ڪردارن جي ترتيب ۽ انجام تي تنقيد به ڪئي آهي.

> ”جائز سوال به اٿي ٿو ته جڏهن ڪو به مجبور انسان جڏهن ديني رستي تان هٽي ٿو ته هن مٿان قدرتي قهر حاوي ڇوٿو ٿئي، پوءِ چڻ وڪٽورين دؤر جي شاعراڻي انصاف جو اصل اڳيان رکيو ويو آهي، يا شايد اهو وري اسلامي هستيواد آهي، جيڪڏهن دنيا تي ئي چوٽ ڪرٽي آهي، جوئي ڪردارن جي ڏک جو ڪارڻ ظاهر ڪيو ويو آهي، ته اهو ٻار سيٺ جو به ڏيکاري

سگهجي ٿو، جو سيٺ ڪنهن ٻار جي زندگيءَ جي قيمت بہ ڏيڪاري ٿو."(ڪلپنا 46/ 2007ع) (5)

قاضي بچو پنهنجي پٽ کي پوليس ۾ ڀرتي انهيءَ ڪري ڪرايو جو هو رشوت جي پئسن ۾ عياشي ڪندا، ملڪيتون ٺاهيندا، سندن نالو ٿيندو جيئن عام طور پوليس ۾ ٿيندو آهي، پر خانو ان جي ابتڙ ثابت ٿيو، نهايت ايماندار ۽ بااخلاق جنهن ڪري سندس گهر جي حالت تبديل تہ نہ ٿي بلڪ پوئتي پوندي ويئي. پيءُ پٽ کان بيزار رهڻ لڳو، پر خانوءَ جي طبعيت ۾ ڦيرو نہ آيو، نيٺ ورهاڱي بعد ٻاهرين جي يلغار، ملڪيتن سان سندن ڀريل گهر ڏسي، پنهنجي گهر جي حالت تي غور ڪرڻ لڳو، بيمار پيءُ، زال جي ويم جو خرچ ۽ ٻين مجبورين کيس نيٺ رشوت لاءِ آماده ڪيو. ڪار جي ايڪسيڊنٽ ۾ ٻار کي ماريندڙ سيٺ کان رشوت جي شروعات ڪري جڏهن اسپتال ۾ ڏٺائين تہ اهو سندس ئي ٻار مراد جو لاش هو، سراج سندس ڀُهٽي کي ئي اهڙو ثابت ڪيو جو اها سندس لاءِ هميشہ جو سبق بڻجي وڃي ٿي. ڪهاڻي ۾ اچانڪ اهڙو موڙ ڪجهہ قدر مصنوعيت جو احساس ڏياري ٿي، واقعن ۽ ڪردارن جي نفسيات ۽ عمل ۾ فطري عادتون نظر اچن ٿيون.

### هڪ سج هزار پاڇا:

هن ڪهاڻيءَ ۾ سراج سنڌ جي نوجوانن جون غريب ۽ خوددار ماڻهن سان کيل ويساهہ گهاتين کي پيش ڪيو آهي،ڪهاڻي سنڌ جي ٻهراڙي جي هڪ اهڙي نوجوان ڪردار جي آهي، جنهن کي غريب ماڻهن ڏکين حالتن ۾ پڙهائي ڪراچي موڪليو جتي هو نوڪري ڪرڻ لاءِ آيو هو، پر نوجوان سطحي سوچ رکندڙ پاڻ کي شهر ۾ هڪ وڏيري جي طور متعارف ڪرايائين، جنسي بک ۾ عورتن جي چڪر ۾ رهڻ لڳو، قرضي ٿي شهر ۾ ڪاڏي ۽ سگريٽن جا بل ڏيندو رهيو. نيٺ هڪ ڏينهن دوستن سان گڏ ڇوڪرين جي ڇيڙ ڇاڙ ڪندي پڪڙيو ويو. ماڻهن جي مار موچڙي کان پوءِ ٺاڻي ۾ وڃي لاڪپ ٿيو، پيءُڏي چٺي لکي وڏيري جي ذريعي پنهنجي ضمانت لاءِ لکيائين، پيءُ جي سموري خود داري ۽ غيرت لڙهي وئي، ماءُ نوجوان پيٽ روئڻ لڳيون سراج سنڌ جي لا غرض ۽ بي حس نوجوان جي ڪردار کي هن ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو آهي، ڪجهہ ڪرڻ جي بجاءِ هو گهر جي عزت ۽ غيرت نيلام ڪرائي ويهي ٿو.ڪردار جي شروع کان اهڙن لڇڻن ۽ اڊنگاين کي پيش ڪيو ويو آهي جنهن جو لازمي نتيجو اهڙوئي نڪري ٿو. حالتن ۽ واقعي ۾ حقيقتون موجود آهن.سراج وچولي ۽ هيٺين ڏکايل طبقي جو ساٿاري ۽ هڏ ڏوکي رهيو آهي ، پر انهن جي ناڪاره سوچ ۽اوڻاين کي پيش ڪندي انهن سان سچي همدردي جو اظهار ڪيو آهي.

### فنڪار:

ڪهاڻيءَ ۾ سراج فن کي سماج ۾ سماجي رشتن سان جوڙي رکڻ ۾ سندس عظمت ڄاڻائي آهي. ظفر جڏهن مشهور فنڪار چترڪار ٿي اُڀريو ۽ سندس تصوير پهريون نمبر آئي تہ سندس همدرد ۽ سچي دوست ان ڏينهن ڳنڀير ٿي محفل ۾ چئي ڇڏيو تہ اڄ ظفر جي فن جو موت ٿيو آهي، هن عورت جي جسم جو عظيم شاهڪار ٺاهي سماج کان پاڻ کي جدا ڪري پنهنجو انت آڻي ڇڏيو آهي. سندس اهڙي راءِ کي سيني حاسد چئي نظر انداز ڪيو. ڪهاڻيءَ ۾ عالمي فڪري نظريي، حقيقت پسندي جي انتها Surrealism کي هو نندي ٿو، ان ۾ فنڪار سماج کان ڪٽجي وڃي ٿو. فنڪار وٽ مقصد ۽ آدرش نٿا رهن جنهن ڪري نيٺ سندس فن جو موت ٿئي ٿو. آخر اهو ئي ٿيو، عورتن جا چتر ٺاهيندي سماج کان ڪٽجي دربدر ٿيڻ لڳو. نيٺ سندس آخري شاهڪار هوٽل جي بيري جو چتر ۽ سندس موت جي خبر گڏ اخبار ۾ شايع ٿيا، عظيم فنڪار جڏهن پاڻ کي عظيم سمجهي سماج کي پُٺ ڏئي ٿو تہ سندس عظمت ختم ٿيو وڃي. سندس عظمت سماج سان نياڻڻ ۾ ئي آهي.

### اونداهہ جو وڻ:

هيءَ ڪهاڻي سراج ترقي پسند فڪر کي ظاهر ڪندڙ ۽ ڇوت ڇات جي فرق خلاف هڪ آواز آهي، بشير موورياڻي جي ڪهاڻي ڇُهڙيءَ جي ياد ڏياري ٿي. رامي هڪ وڻندڙ ۽ چنچل مرڪندڙ ڇهري واري معصوم پورهيت ڀنگياڻي آهي، ڪهاڻيءَ وارو مان ساڻس همدرد رهي ٿو، سندس لازوال مرڪ ۽ احساسن جو قدر ڪري ٿو، پر سندس دوست ان کان سخت نفرت ڪري ٿو. ڪيس سماجي حالتن، ڇيپاٽيل ۽ مروٽيل احساسن ۽ سندس زرد ۽ پيلي دهشت ۾ ورتل وجود ۾ ڪيس تبديل ڪري ڇڏيو. گهٽ ذات جي نياڻين سان همدردي ۽ سندن گهاٽي ۾ پيڙجندڙ زندگيءَ کي سراج هن ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو آهي.

### فراڊ:

هن ڪهاڻيءَ ۾ سراج هڪ ظاهري مذهب ۽ عبادت جو ڍونگ ڪندڙ فراڊيءَ جي ڪردار کي پيش ڪيو آهي. هو نماز پڙهي ٿو، پر اسپتال جي ڪرستان نرس شنيلا مان اک نٿو ڪڍي، ان جي پوبان پيل آهي، پنهنجي حسين جوان وينس زال هوندي بہ اهڙي واهيات ۽ بگهڙن جهڙي سوچ رکي ٿو. آخر زال جي آپريشن کان پوءِ وهندڙ خون سبب، رت جي پورائي لاءِ جڏهن اهڙي فراڊي کان سندس زال لاءِ رت گهريو ويو تہ چيائين مذهب ۾ جائز ناهي، رت رت سان مليو تہ پيڻ ٿي پوندي، سراج اسپتال جي ماحول ۾ نرسن جي همدرد ڪردار ۽ مردن جي بگهڙ جهڙي ڪردار کي هن

ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو آهي. نسيم کرل پڻ هن موضوع تي ڪهاڻي لکي آهي.

## دل جا پاڇولا:

ڪهاڻي سماجي حقيقت نگاري ۽ ڪردارن ڪي پنهنجي ماحول جي پس منظر ۾ ظاهر ڪندڙ آهي، ڪينجهر ۽ ڪلري ڍنڍ تي سير ڪندڙ صفو ۽ ارشد آهن، مُهاڻي مانجهيءَ سان سندس زندگي، گهرواري ۽ روزگار بابت پڇن ٿا. ڍنڍن تي ٺيڪيداري نظام ڪائنن سڀ ڪجهه ڦري ورتو آهي، پر وري بہ زال مڙس جي هڪ ٻئي لاءِ سِڪ ۽ محبت ۽ ويجهڙائي سبب زندگي ۾ مطمئن آهي، ٻئي پاس صفيہ ۽ ارشد آهي، ارشد اعليٰ سوسائٽي ۾ اٿندڙ ويهندڙ آهي، پنهنجي زال کي هڪ نمائش جي شيءِ سمجهي پيش ڪري ٿو. اعليٰ سوسائٽي جا فرد ڪيس مختلف جملن سان وڏيندا رهن ٿا. شراب ۾ پناهہ ڳولي ٿي، ارشد کي احساس ڏيارڻ جا ڪيترائي طريقا اختيار ڪيا هئائين پر هو ڪائنس بي نياز هو. اڄ هن ڪلري ڍنڍ ۾ مُهاڻي جي احوال ٻڌڻ بعد ارشد جي اونداهين اکين ۾ ڏسي ڍنڍ ۾ ٽپو ڏنو.

## ڏوريان ڏوريان مَ لهان:

ڪهاڻيءَ ۾ مائٽن جا نڌيپڻ جا طئہ ڪيل رشتا ۽ من ۾ چاهت جا ٻرندڙ جذبا، وچ ۾ ايندڙ رشتا موضوع آهن، نازو ۽ ثمينہ هڪ ئي شخص کي چاهين ٿيون، نازو جو رشتو جڏهن تہ اجمل سان نڌيپڻ کان طئي ٿيل هو، پر هن ان کي قبول نہ ڪيو، هڪ دفعو زهر کاڌو پر بچي وئي، وري جڏهن ٻيهر ڪيس پنهنجي پسند سان پنهنجي پيڻ جي محبت کي محسوس ڪيائين تہ ايترو زهر جو پيالو پي وئي جو ڊاڪٽر تائين نہ پهتي، فطرتي حسن، انساني، نفسياتي حالت، ڀتائي جا بيت معنوي خوبصورتي سان ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيا ويا آهن، ڪردارن جي سوچ، احساسات، علمي ۽ عقلي دليل بہ پيش ڪيل آهن، فردن ۾ ضد ۽ هڪ ٻئي لاءِ قرباني بہ آهي.

سراج جو ٻيو مجموعو ”اڻون ماڻهو“ 1985ع ۾شايع ٿيو،سنڌي ٻوليءَ جي باضمير ليکڪن جو قلم هر دور ۾ بغير ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي ڀرپور هليو آهي.سراج جي قلم مان هن دور ۾ بہ شاهڪار افسانا ۽ ناول سرجي نڪتا. ليڪ پنهنجي ذات ڌرتي ڏٽين کي اربي چڙي.هن مجموعي ۾ ڪل ست ڪهاڻيون آهن. جن ۾ ”رت ورني رات“ ڪهاڻي جنگ جي موضوع تي لکيل آهي، هن موضوع تي رشيد ڀٽي جي بہ مشهور ڪهاڻي ”ديس ستا دل وارا جاڳيا“ شايع ٿيل آهي.سراج هن ڪهاڻيءَ ۾ ٻن معصوم دلين جي محبت بابت نازڪ جذبن کي پيش ڪيو آهي. وصال لاءِ واجهائين ٿا، پر اها گهڙي اچڻ کان اڳ بارود جي باهہ ڀڙڪڻ لڳي، هٿيارن جا منهن کلي ويا، محبتي ان مچ جو بارڻ بڻجي ويا. آخر ۾ انهن جي لاشن کي بہ ڪير پنهنجو ڪرڻ

وارو نہ هو، ڇو تہ ٻنهي پاسي جي ويڙهاڪن لاءِ هن ڌرتيءَ جي ثقافت اوپري هئي، هنن جي سڄاٽپ ڪري ڪير هنن کي پنهنجو ڇئي. جنگ جو ڪاڄ هميشہ معصوم ۽ بي گناهہ انسان بڻيا آهن، جن وٽ پنهنجي زندگيءَ جا ڪيترائي اڌورا خواب ،احساس ۽خواهشون آهن،پر جنگ ۾ ڪير ٿو انهن کي پڇي. رياستي ادارن جي آئين قانون ۾ انهن جي بچاءَ لاءَ ڪا شق شايد هجي، پر ليکڪ جي دل کي جهوبو اچي ٿو.هو اهي گهرا احساس سمجهي ٿو،سمجهائي بہ ٿو. "نچڻي" ڪهاڻيءَ ۾ فرانس جي صحافڻ مريانا جي ڪتا کي موهن جي دڙي جي پس منظر ۾ پيش ڪيو ويو آهي. موهن جي دڙي جي نچڻي کان وٺندي سڌريل دنيا جي ملڪ جي عورت کي مرد جي عتاب هيٺ ڏيکاريو ويو آهي. "هڪ مڙدو ٻي لاش" هن ڪهاڻيءَ ۾ سراج زميندار طبقي جي هڪ نوجوان اصغر جي ڪردار ۽ انگلينڊ جي سندس بئريسٽر دوست فلپ ۽ هڪ پوڙهي جي ڪردارن کي پيش ڪيو ويو آهي. وڪالت هتي ڪمائيءَ جو ذريعو آهي. ڏوهہ، ظلم، حادثا، قتل ٿيندي ڏسي وڪيل خوش ٿين ٿا. ٻاهرين دنيا ۾ ائين ناهي، ان کان علاوه هن ڪهاڻيءَ ۾ ڌرتيءَ جي ڏتڙيل ۽ ڌڪاريل وڏي عمر جي پوڙهن بزرگن جي نوڪرن ،محرومين، لاوارث حالت ۾ دربدري، زميندار ۽ مٿئين طبقي جي ڪردارن جي ظلم کي پيش ڪيو ويو آهي. پورهيت ۽ ڌرتي ڌڻي مختلف جاين تي دربدر ٿيندي پساه پورا ڪن ٿا پر هر حال ۾ مٽيءَ سان محبت رکن ٿا. "وڻ جو موت" علامتي ڪهاڻي آهي.ملڪ جي سياسي سماجي ۽ مذهبي حالتن جي پس منظر ۾ لکيل آهي. ڪوڪلن ۽ خالي وجودن ۾ صرف مفاد پرستي آهي.ماڻهپو ۽ انسانيت ناهي. خالي پاچولا آهن ساڙيندڙ ڇانو ڪٿي بہ ناهي، اهڙي ماحول ۾ ٻڙ جي گهاٽي وڻ کي پاڙان اکوڙيو وڃي ٿو.ڪهاڻيءَ ۾ سراج ڪوڪلن، سطحي ماڻهن ۾ سنجيده ۽ گهري سوچ رکندڙ انسان جي ڪردار کي پيش ڪيو آهي. "ڪارونجهر جا مور" هن ڪهاڻيءَ جي مک ڪردار کي سخت ذهني درد ۽ پيڙا ۾ ڏيکاريو ويو آهي. سخت درد جي دوري کي ڪارونجهر جي مورن سان تشبيهہ ڏئي پيڙا مان گذري وڃي ٿو.جنهن جهاز ۾ سفر ڪري رهيو اهو اغوا ڪيو ويو ، درد جي دوري مان گذرندي مسافرن جان بچائي پاڻ کي قربان ڪيائين. ايئر هوسٽيس سان سندس رومانوي جملن ۾ سنڌيت جا احساس جرڪن ٿا. مذهبي انتها پسند ۽ تنگ ذهنيت ايران جي ڪرداري بہ ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. سراج جو بين الاقوامي تاريخي ۽ سياسي شعور بہ ڪهاڻيءَ ۾ نظر اچي ٿو.

ڪهاڻي "جوئي آهيان سوئي آهيان" ۾ معصوم محبت جي خون ۽ رياستي ڏاڍ کي هن ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو ويو آهي.پنهنجي محبت جو مان رکندڙ ۽ پنهنجي ڳوٺ راڄ جي حاظت ڪندڙ پنهل کي گولين جو ڪاڄ بڻايو ويو. آخر سندس ونيءَ رائيفل کنئي. سراج هن ڪهاڻيءَ ۾ جيتوڻيڪ فلمي پڄاڻي آهي پر واقعي ۾ حقيقت

جا سمورا رنگ موجود آهن. ”انون ماڻهو“ ڪهاڻي ون يونٽ ۽ مارشل لا جي وقت لڳ ڪانداريندڙ تشدد ڪندڙ ۽ انسانيت کي لتاڙيندڙ ۽ رياستي ڏاڍ کي ظاهر ڪندڙ ڪردار آهن. بي گناهه ظلم ۽ جبر جي چڪيءَ ۾ اڻ ڪيل گناهن کي پوڙيندڙ ڪردارن جي عڪاسي ڪئي وئي آهي، پيو ته هرطرح جو تشدد تذليل ڪئي وڃي ٿي پر ٿاڻن تي سندن مائرن، ڀينرن، زال ۽ ڌيئرن کي به بخش نه ڪيو ويو. عملدارن جي تشدد جا سمورا ليڪا لتاڙڻ بعد بالا عملدار سان گفتگو هنن لفظن ۾ لکي ٿو ”اوهان پاڻ ڏسو،اسان هر طريقو آزمائي ڏٺو آهي... هاڻ ته ڪو لڳ سچو ڪونه اٿس تڏهن به ... هون .. پلا زائفائون ؟ان سوال ۾ پهريون پيرو ڪو جذبو هو ڪا جانبداري هئي. جي ها... اهو نسخو به آزمائي ڏٺو سون: هن جي زال ، هن جي ڀيڻ....۽ ها پوڙهي به ... هن جي ماءُ هئي شايد...هنن مان هڪڙي پيٽ سان هئي... پرئي مهيني... هن جي زال ، يا هن جي ڀيڻ ياد نه ٿو اچي...، ڪاٺ جو ماڻهو ڪليو پر ان ڪل ۾ به بيزاري هئي ، ٽڪ هو.“(ص 196) (6) سراج ڪاٺ جي ماڻهن ۽ ٿوهر جي ڳنڍ ڳهي به پر اميد رهندڙ ڪردارن کي هن ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو آهي، هي اهي تحريرون آهن جن جي ڪري پاڻ اهڙن ڪاٺ جي ماڻهن جي عتاب به هيٺ رهيو.

2014 ع ۾ ”درد“ نالي شايع ٿيل سندس مجموعي ۾ ڪجهه پيون به ڪهاڻيون شامل ڪيون ويون آهن . هن ۾ سراج جا ٻئي مجموعا اڳوڻن مهاڳن سميت شايع ٿيل آهن اضافي مضمون صرف ڊاڪٽر فهميده حسين ميمڻ جو آهي ، جيڪا نه صرف سراج جي ڀيڻ آهي بلڪ سنڌي ادب جي محقق ۽ نقاد پڻ آهي، سراج جي ڪهاڻين جي ڪردارن جي حوالي سان لکي ٿي

> ”هنن ڪهاڻين جا ڪردار اسان جي ارد گرد موجود ڪردارن جهڙا آهن ۽ انهن جون جيون ڪهاڻيون يا اهي واقعا جن کي موضوع بنايو ويو آهي پڻ اسان جي مشاهدي ۾ ايندا رهندا آهن ۽ اهي سراج جي اعلي مشاهدي جي ساک پرين ٿا.“ (7)

هن ۾ ”اوور ڪوٽ“ غلام عباس جي ڪهاڻيءَ جو ترجمو آهي.”امير ماڙهو“ ڪهاڻي ۾ اهڙن امير ماڻهن جي ڪردار کي پيش ڪيو ويو آهي جيڪي فضول اجاين ڪاڏن شراب، سگريٽن، ڪپڙن تي هزارين رپيا وڃائيندي به فخر محسوس ڪن ٿا پر مسڪين پورهيت پيڙي واري جنهن ٻانهون هٽي هٽي ڪين درياءَ جو سير ڪرايو ان کي پورو ڪرايو به نٿا ڏين، الٽو ڪيس مار موچڙو ڪري گاريون ڏيندا هليا ٿا وڃن. سراج پورهيت جي درد پرئي ۽ اميرن جي بي درد ۽ واهيات ڪردارن کي پيش ڪيو آهي. ”تون به ..“ ڪهاڻيءَ ۾ سراج هڪ اهڙي عورت جي ڪردار کي پيش ڪيو آهي جيڪا اسڪول ۾ استاد هئي، ورهاڱي وقت سنڌ سان محبت سبب هندستان نه وئي، هتي نه صرف سندس ميڙي پونجي ڪانئس ڦري وئي پر پنشن لاءِ به

دربدر ٿيندي رهي بکون ڪاٽيندي ذهني توازن وڃائي ويٺي، هر ڪنهن کي چوندي رهي تون به مون وٽ پڙهيو هئين. ڏرتي ڏٽين جي اهڙي طرح دربدر ٿيندڙ ڪردار کي پيش ڪيو ويو آهي. هن موضوع تي رشيد ڀٽيءَ ”واٽيا ڙي واٽيا“ نالي ڪهاڻيءَ ۾ مائي ڀانا جي اهڙي طرح دربدر ٿيندڙ ڪردار کي پيش ڪيو آهي.”سکر سي ئي ڏينهن“ ڪهاڻي ڏڪاريل ڏيهه جي ڪردارن جي ڪهاڻي آهي.ڊاڪٽر ناز شهري لباس ۾ زيورن ڀهريل ڪڪائن جهوپڙين ۾ رهندڙن کي ڄمر روڪ جا طريقا سمجهائڻ لا اچي ٿي، هتي مسڪين اهڙي عورت کي ڏسندي حيرت ۾ پئون ٿا. آخر ۾ هڪ چرڪائيندڙ سوال ستابي پڇي ٿي ڇا ڪي اهڙا حب آهن جن جي کائڻ سان ڏيءَ ڄمي ، ته جيئن بک بدحاليءَ ۾ ان وڪٽي پنهنجو گذر ڪن جيئن اڪثر ڪري رهيا هئا.ڪهاڻي ڏڪار جي ستايل هيٺن ڪردارن جي درد ڪٿا آهي.“ چنڊ ۽ شاعر“ ڪهاڻي شاعر ۽ سندس محبوبا جي بيوس ڪردارن جي درد ڪٿا آهي. ”رات ستارن هاڻي“ اهڙي ڪردار جي اڌورين حسرتن کي پيش ڪري ٿي جيڪو پنهنجو گهر نه هئڻ سبب چاچي جي گهر رهي ٿو.ستارن ڀري رات ۾ ونيءَ سان اڌورين حسرتن جو اظهار ڪري ٿو.”پاتال“ ڪهاڻي البرٽ ڪامئو جي ذريعي سان شروع ڪئي وئي آهي. ديومالائي ڪردارن زيئس سسيفس کي تمثيل بڻائي ،انسانن جي انسانن سان ڪيل ظلم ۽ نا انصافين کي هن ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو ويو آهي.”هڪڙي نئين لوڪ آڪاڻي“ ڪهاڻيءَ ۾ آسماني فرشتن اسرافيل، عزرائيل، جبرئيل عليهم السلام جي ڪردارن ذريعي سنڌ ۾ آيل ٻوڏ جي تباهه ڪارين کي پيش ڪيو ويو آهي.

## نتيجو:

سراج جي ڪهاڻين جا سمورا ڪردار سماجي مسئلن ۽ حالتن جا سچا عڪاس آهن. ڪهاڻين ۾ وڏيرن ، سرمائيدارن، سياستدانن ، ڪامورن ، پوليس اهلڪارن ، هارين ، پورهيتن، وچولي ۽ هيٺين طبقي جي جاکوڙي ڪردارن کي پيش ڪيو ويو آهي، سندس ڪهاڻين ۾ غير ملڪي ڪردار به شامل آهن.هر ڪردار کي پنهنجي سماجي پس منظر کي نظر ۾ رکي پيش ڪيو ويو آهي. طبقاتي نظام ۾ سماجي اڻ برابري جي ڪري ڪيترن مسئلا پيدا ٿيا، ترقي پسند ليکڪن انهن تي ڀرپور قلم هلايو سراج به ان ئي لڏي سان وابسته رهيو. سنڌ جي اصل ۽ مقامي ماڻهن جي اهنجن کي روح سان محسوس ڪندي انهن جي ڪردارن کي ڪهاڻين ۾ پيش ڪيو آهي. مٽيءَ سان ڪيس بي حد محبت آهي، ان مٽيءَ جي رهواسين جي هر درد ۽ تڪليف ڪيس پنهنجي محسوس ٿئي ٿي. ٻوليءَ جو ماهر هجڻ سان گڏ محقق ،صحافي ،مترجم ۽ تخليقڪار به آهي ان ڪري ڪردارن ۽ سندن جذبن کي پيش

ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. پڙهندڙ کي بہ ڪردارن سان گڏ جذبات ۾ لوڙهي ڇڏي ٿو. سندس ڪردار صرف مظلوم ۽ ظلم سهندڙ نہ آهن بلڪ ڀرپور مزاحمت ۽ ويڙهہ ڪندڙ بہ آهن تہ رومانوي بہ آهن.

## مددي ڪتاب:


1. ابڙو جمال،2013ع، سنڌ جو ديومالائي ڪردار (مرتب: تاج جويو) سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو ص83.
2. ميمڻ ڊاڪٽر غفور 2013ع، سنڌ جو ديومالائي ڪردار سراج (مرتب تاج جويو)سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، ص113.
3. ميمڻ سراج، 1962ع، اي درد هلي آءُ، عظيم پبليڪيشن حيدرآباد ص 39.
4. شيخ اياز،1962ع، اي درد هلي آءُ،( پيش لفظ)عظيم پبليڪيشن حيدرآباد.
5. موهن ڪلپنا 2007ع، فڪري ۽ افسانوي ادب (مرتب: جامي چانڊيو) سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي،ص 46.
6. ميمڻ سراج، 2014ع، درد، روشني پبليڪشن ڪنڊيارو، ص196.
7. ميمڻ ڊاڪٽر فهميده حسين،2014ع، درد،روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو،ص 11.